SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXI مجريه 1974

# SINDH ACT NO.XXI OF 1974

## سنڌ سروس ٽريبونلز (ٻي ترميم) ايڪٽ 1974

## THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (SECOND AMENDMENT) ACT, 1974

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ XV مجريه 1973 جي دفعه 3 ۾ تبديلي.

Amendment of section 3 of Sindh Act XV of 1973.

3. سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعه 3_A جو اضافو.

Insertion of section 3-A in Sindh Act, XV of 1973.

4. سنڌ حڪم نامي XV مجريه 1974 جي منسوخي.

Replace of Sindh Ordinance XV of 1974.

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXI مجريہ 1974

# SINDH ACT NO.XXI OF 1974

## سنڌ سروس ٽريبونلز (ٻي ترميم) ايڪٽ 1974

## THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (SECOND AMENDMENT) ACT, 1974

**[23 نومبر 1974]**

تمهيد (Preamble)

هن ايڪٽ جي توسط سان سنڌ سروسز ٽربيونلز (ٻي ترميم) ايڪٽ 1973 ۾ اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

هن ايڪٽ جي توسط سان سنڌ سروس ٽربيونلز ٻيو ترميم ايڪٽ 1973 ۾ اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي تہ جيئن هن کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ جي قابل بڻايو وڃي.

هن کي هن ريت بدلايو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سروسز ٽربيونلز (ٻي ترميم) ايڪٽ 1974 چيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ XV مجريہ 1973 جي دفعہ 3 ۾ تبديلي.
Amendment of section 3 of Sindh Act XV of 1973

2. سنڌ سروسز ٽربيونل ايڪٽ مجريہ 1973 جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ هيٺين ترميم آندي ويندي ۽ سمجهيو ويندو تہ اها ترميم ان ۾ هميشہ لاءِ هئي:

”(4) ٽربيونل جو چيئرمين ۽ ميمبر حڪومت جي طئي ٿيل شرطن مطابق ٽن سالن لاءِ مقرر ڪيا ويندا، حڪومت مناسب سمجهي تہ ڪنهن جو بہ منصبي مدو وڌائي سگهي ٿي.“

سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعہ 3_A جو اضافو.
Insertion of section 3-A in Sindh Act, XV of 1973

3. ترميم هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعہ 3 کانپوءِ هي شامل ڪيو ويندو ۽ ڄاتو ويندو تہ اهو ان ۾ هميشہ کان شامل هو.

"3_A (1) جيڪڏهن حڪومت جو خيال آهي تہ ٽربيونل جو چيئرمين يا ڪو ميمبر طبي يا ذهني مفلوجيءَ طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيڻ کان قاصر آهي، يا غلط ڪاريءَ جو ڏوهي آهي، تہ حڪومت ٽن ميمبرن تي ٻڌل هڪ ڪاميٽي جوڙي مامري تي جاچ ڪرائيندي، پر ان ڪاميٽيءَ جو اڳواڻ ٽربيونل جي چيئرمين کان گهٽ رتبي وارو نہ هوندو.

(2) پوءِ، جيڪڏهن انڪوائري ڪرڻ کانپوءِ، ڪاميٽي رپورٽ ڏئي ٿي تہ چيئرمين يا ڪو ميمبر ڊيوٽي ڏيڻ لائق نہ آهي يا غلط ڪاريءَ ۾ ملوث آهي تہ حڪومت دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (4) جي روشنيءَ ۾ انهيءَ چيئرمين يا ميمبر کي هٽائي ڇڏيندي.

وضاحت: هن ذيلي دفعہ جي مقصد لاءِ "غلط ڪاريءَ" جو مطلب آهي منصبي ضابطن جي بهتر طريقي خلاف ڪم يا مغربي پاڪستان سرڪاري ملازمن (جي منصبي طريقي) وارن 1966 جي قاعدن خلاف يا چيئرمين يا ميمبر طرفان اهڙو قدم کڻڻ جنهن مان پاڻ کي سنو عمدار يا ماڻهو ثابت نہ ڪرڻ، سياسي اثر رسوخ کي اثرانداز ڪرڻ يا ان جي ڪوشش ڪرڻ، ۽ سزا، رٽائرمينٽ يا ملازمت جي ۽ هنن ڳالهين ۾ حڪومت، چيئرمين يا ميمبر تي زور بار وجهڻ:

(i) بداخلاقين تي مليل سزا،

(ii) نسلي، گروهي يا سياسي تنازعن ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ،

(iii) ٽربيونل هلائڻ وارو قاعدن لاءِ مسلسل هتڪ آميز رويو رکڻ،

(iv) جائز ذريعن کان وڌيڪ رهڻي ڪهڻي جي ثابتي ڏيڻ.

(3) هن دفع هيٺ، جانچ جي مقصد لاءِ ڪاميٽيءَ کي ڪوڊ آف سول پروسيجر 1908 (ايڪٽ تي مجريه 1908) جي روشنيءَ هيٺ ڄاڻايل مامرن لاءِ سول ڪورٽ جا اختيار حاصل هوندا:

(a) سندن اڳيان ڪنهن به ماڻهوءَ کي حاضر ٿيڻ جو پابند بڻائڻ ۽ حلف تي ڪائنس پڇاڳاڇا ڪرڻ،

(b) گهربل دستاويزات طلب ڪرڻ يا حاضر ڪرڻ کي پابند بڻائڻ؛

(c) حلفيه بيان تي شاهدي وٺڻ،

(d) شاهدين يا دستاويزات جي ڇنڊڇاڻ لاءِ ڪميشن جوڙڻ.

سنڌ حڪم نامي XV مجريه 1974 جي منسوخي.
Replace of Sindh Ordinance XV of 1974

4. هن سان سنڌ سروسز ٽربيونلز (ٻي ترميم) حڪم نامو نمبر XV مجريه 1974 منسوخ ٿي ويو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**